# مائِي خيرِي



سنڌ جي مسلمانن ۾ ڪي عورتون اهڙيون بہ ٿي گذريون آهن، جيڪي خير جي ڪمن ۾ مردن کان بہ گوءِ کڻي ويون آهن. مائي خيري بہ انهن سخي ۽ درياءَ دل عورتن مان هڪ هئي. جنهن جو نالو اڄ سُوڌو پيو ڳائجي. هيءَ بيبي صاحبہ مرحوم مير صوبدار خان شهيد جي راڻي هئي.

سندس اصل نالو بيبي خيرالنساء هو. هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ايترا تہ خير جا ڪم ڪيا جو ڪيس سڀ سڏيندا ئي "مائي خيري" هئا. هوءَ ننڍي هوندي کان وٺي ڏاڍي ذهين ۽ هوشيار هئي. ڪيس علم سان نهايت گهڻو چاهہ هو. ميرن جي حڪومت ۾ فارسيءَ ۽ عربيءَ جي تعليم رائج هئي. بيبي صاحبہ نهايت لائق ۽ پرهيزگار استادن جي نظرداريءَ هيٺ

تعليم ورتي. ٿوري ئي وقت ۾ هن قرآن شريف پورو ڪري ورتو.

ان کان پوءِ هن فارسيءَ ۽ عربيءَ جي تعليم وٺڻ شروع ڪئي؛ جنهن ۾ چڱي لياقت حاصل ڪيائين. هوءَ سخي ۽ دينِدار انسانن جي احوالن پڙهڻ ۾ گهڻي دلچسپي وٺندي هئي ۽ ديني علم سان ڏاڍي محبت هوندي هُيس. هوءَ نهايت رحمدل ۽ نيڪ هئي. پاڻ هر سال ڏاڍي خبرداريءَ سان زڪوات ڪڍندي هئي. جيڪا غريبن ۽ مسڪينن کي گهر ويٺي ڏياري موڪليندي هئي. چوندي هئي ته "الله تعاليٰ اسان جي دولت ۾ غريبن جو حصو مقرر ڪيو آهي، جيڪو کين ضرور ڏيڻ گهرجي."

هن کي خيرات ڪرڻ ۾ ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي. ڪيترن ئي ٻُڍڙين، معذور ۽ بيواهه عورتن لاءِ ماهوار وظيفا مقرر ڪري ڇڏيا هئائين، جيڪي پڻ کين گهر ويٺي موڪلي ڏيندي هئي. ڪڏهن به ڪنهن سواليءَ کي خالي نه موٽايائين، حڪومت ۽ دولت هوندي به پاڻ سادگي پسند ڪندي هئي. سادو کائيندي هئي ۽ سادو هنڍائيندي هئي. وڏائيءَ جو ته وٽس نالو به ڪو نه هو.

غريبن سان گڏ ويهڻ ۾ ڪيس پنهنجي اميري ۽ وڏ ماڻهپي جو ڪڏهن به خيال ڪو نه ٿيندو هو. غريبن ۽ گهرجائُو عورتن کي ڪنهن به وقت وٽس اچڻ وڃڻ جي روڪ ٽوڪ ڪو نه هئي. سندس خير جا دروازا مسڪينن لاءِ هر وقت کليل رهندا هئا. کيس مسجدن ۽ مدرسن ٺهرائڻ جو به ڏاڍو شوق هوندو هو. جدا جدا ڳوٺن ۽ شهرن ۾ هن ڪيترين ئي مسجدون تعمير ڪرايون ۽ کوهه کوٽايا. حيدرآباد ۾ هڪ ڦُبائين

مسجد شريف جوڙايائين، جا فقير جي پڙ ۾ اڄ سوڌو ”مائي خيريءَ واري مسجد“ سڏجي ٿي.

هُن مسجد سان لاڳو، هڪ ديني مدرسو پڻ قائم ڪيو، جنهن جو سمورو خرچ پاڻ ڀريندي هئي. جيڪي طالب علم انهيءَ مدرسي ۾ پڙهندا هئا، انهن جو کاڌو پيتو، ڪپڙو لٽو ۽ ٻيو خرچ وغيره سندس ذمي هوندو هو. مدرسي جي مُعلمن، بلڪ سندن ڪٽنبن جو سمورو خرچ به پنهنجي هَڙان ڏيندي هئي. ان کان سواءِ قرضدارن جا قرض ادا ڪرڻ، غريبن ۽ نادارن کي شادي مُراديءَ مهل مدد ڪرڻ، لاوارثن جي ڪفن دفن جو انتظام ڪرڻ ۽ اهڙن ٻين ڀلي جي ڪمن جو خاص خيال هوندو هئس. اڄ اهڙيون عورتون تمام گهٽ آهن جيڪي بيبي خيريءَ جي نقشِ قدم تي هلنديون هونديون!

دنيا جي شان ۽ شوڪت، دولت ۽ عزت کي جٽاءُ ڪونهي. مرڻ وقت ڪوبه پاڻ سان اهي شيون کڻي ڪونه ويندو. تنهنڪري هرهڪ سَرنڍِيءَ واري کي گهرجي ته حياتيءَ ۾ اهڙا چڱائيءَ جا ڪم ڪري، جو مرڻ بعد سندس نيڪ نامي ٿئي.

هيءَ نيڪوڪار بيبي، تاريخ پهرين ماه رمضان المبارڪ سن 1272هه جي آڌيءَ رات جو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويئي؛ پر سندس نالو اڃا پيو ڳائجي. سندس وفات ڪري سنڌ جي هر هڪ ماڻهو ۽ خاص طور حيدرآباد جي عوام کي ڏاڍو صدمو رسيو. اُها اک نه هئي، جنهن سندس وفات تي ڳوڙها نه ڳاڙيا. سندس جنازي سان بي انداز ماڻهو روئندا ٿي هليا. کيس هالا جي پرسان خداآباد ۾ دفنايو ويو.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1- مائي خيريءَ جي حياتيءَ جو مختصر احوال ٻڌايو؟
2- مائي خيري ڪهڙا ڪهڙا خير جا ڪم ڪيا؟
3- حيدرآباد ۾ سندس ڪهڙو يادگار آهي؟
4- سرنديءَ وارن مردن خواهه عورتن کي سندس حياتيءَ مان ڪهڙو سبق سکڻ گهرجي؟
5- مائي خيريءَ ڪڏهن وفات ڪئي؟
6- سندس مقبرو ڪٿي آهي؟

**(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

رائج – معذور – گهرجائو – طالب علم – نقش قدم جٽاءُ – نيڪ نامي – لاڏائو.

**(ج) هيٺين اصطلاحن جي سمجهاڻي لکو:**

گوءِ ڪڍي وڃڻ – نالو ڳائجڻ – نقش قدم تي هلڻ – سوالي خالي نہ موٽائڻ – هڙان ڏيڻ

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| سخي | | اميري | |
| نيڪ | | پلي | |
| ڳليل | | خاص | |
| خوشي | | مرڻ | |
| ڳوڻن | | عوام | |